ACADEMIA International Journal for Social Sciences
Volume 5, Issue 3(s10), 2026 ISSN-L (Online): 3006-6638

# شاه لطيف جي شاعريءَ ۾ مرڪب لفظ: تحقيقي جائزو
# Compound Words in the Poetry of Shah Latif: A Research Study

**Moala Bux Bohio**
mbbohio786@gmail.com
EST- Sindhi IBA public school sukkr, PhD scholar University of Karachi, Sindhi department

**Corresponding Author: Moala Bux Bohio** mbbohio786@gmail.com

**Received:** 11-02-2026 **Revised:** 26-02-2026 **Accepted:** 13-03-2026 **Published:** 28-03-2026

## ABSTRACT

*The Sindhi language possesses a remarkable richness and diversity in its processes of word formation, an important and prominent aspect of which is compounding. Compound words are, in essence, units formed through the direct combination of two or more free, independent forms, involving no bound morpheme (prefix or suffix); upon combination, these elements move beyond their individual meanings to give rise to a new, unified, and often figurative sense. Shah Abdul Latif Bhittai, the celebrated and eloquent poet of the Sindhi language, employed this linguistic resource with remarkable skill and artistry throughout his poetry. His Risalo, which represents the standard literary Sindhi of the seventeenth and eighteenth centuries, constitutes an inexhaustible repository of compound words, containing examples of all five Sanskritic types Tatpurusha, Karmadharaya, Dvigu, Bahuvrihi, and the type involving an implicit relational particle. This study examines, on the basis of authenticated verses drawn from the Risalo, the structure of compound words, their classification, and their semantic depth, while also clarifying the important distinction that not every combination of words constitutes a true compound.*

***Keywords:*** *Compound Words, Sindhi Linguistics, Shah Abdul Latif, Shah Jo Risalo, Word Formation, Morphology, Free Morpheme, Bound Morpheme, Tatpurusha, Karmadharaya, Dvigu, Bahuvrihi, Dvandva Compound, Open Compound, Hyphenated Compound, Closed Compound, Sanskrit Grammar, Sindhi Poetry, Etymology, Syntactic Structure*

سنڌي ٻولي پنهنجي اندر لفظ سازيءَ جي حوالي سان تمام گهڻي ثروت ۽ تنوع سانديو وتي ٿي، جنهن جو هڪ اهم ۽ نمايان پهلو مرڪب لفظ سازي آهي. مرڪب لفظ اصل ۾ اُهي اڪايون آهن جيڪي ٻن يا وڌيڪ آزاد ۽ خودمختيار روپن جي سِڌي ميلاپ سان جڙن ٿيون، جن ۾ ڪوبه پابند ورپ (اڳياڙي يا پڇاڙي) شامل نٿو ٿئي، ۽ گڏجڻ سان اُهي پنهنجي انفرادي معنائن کان اڳتي وڌي هڪ نئين، متحد ۽ گهڻي پيري لاڪشڻي مفهوم کي جنم ڏين ٿا.

سنڌي ٻوليءَ جو سونارو ۽ وينجهار شاعر شاهه لطيف ڀٽائي پنهنجي شاعريءَ ۾ هن لسانياتي وسيلي کي نهايت مهارت ۽ فنڪاراڻي نموني ڪم آندو آهي. سندس رسالو، جيڪو سترهين ۽ ارڙهين صديءَ جي سنڌي ادبي ٻوليءَ جو معياري نمونو پيش ڪري ٿو، مرڪب لفظن جي حوالي سان هڪ اٿاهه خزانو رکي ٿو، جنهن ۾ سنسڪرت جي پنجن قسمن (تتپرش، ڪرتداريه، دوگه، بهووريه ۽ حرفِ جملي واري صورت) جا نمونا پڻ موجود آهن.

هن تحقيقي مطالعي ۾ رسالي مان کنيل مصدقه بيتن جي بنياد تي مرڪب لفظن جي جوڙجڪ، انهن جي اقسام ۽ سندن معنوي گهرائيءَ جو جائزو ورتو ويو آهي، جنهن سان گڏوگڏ اهو تميز به واضح ڪيو ويو آهي ته هر گڏيل لفظ مرڪب لفظ نه سڏبو آهي.

### مرڪب لفظ جو تعارف

مرڪب لفظ ثانوي لفظن جو اهو قسم آهن، جيڪي ٻن يا ان کان وڌيڪ سادن لفظن جي پاڻ ۾ ميلاپ سان جڙن ٿا. مرڪب سازيءَ جي هن جوڙجڪ ۾ ڪابه اڳياڙي يا پڇاڙي شامل نٿي ڪجي، يعني هيءَ جوڙجڪ خالص طور تي ٻن آجن ۽ بامعنى لفظن جي پاڻ ۾ ڳنڍجڻ سان مڪمل ٿئي ٿي.

لسانياتي اصطلاح ۾، لفظ سازيءَ جا مکيه طريقا ٻه آهن. هڪ اهو جنهن ۾ ڪنهن بنيادي لفظ سان اڳياڙي يا پڇاڙي شامل ڪري نئون لفظ ٺاهيو وڃي ٿو، جنهن کي ماخوذ لفظ چئبو آهي. ٻيو طريقو مرڪب سزيءَ جو آهي، جنهن ۾ ٻه سادا لفظ پاڻ ۾ گڏجي هڪ نئون، مڪمل ۽ نئين معنى رکندڙ لفظ تشڪيل ڏين ٿا. مرڪب لفظ جي هن قسم جي بنيادي خاصيت اها آهي ته ان جي جوڙجڪ ۾ استعمال ٿيندڙ ٻئي جزا پاڻ ۾ سادا ۽ خودمختيار لفظ هجن ٿا، جن مان هر هڪ جي پنهنجي الڳ معنى ۽ حيثيت هوندي آهي، پر جڏهن هو پاڻ ۾ ميلاپ ڪن ٿا ته گڏيل طور هڪ نئون لفظ ٺهي پوي ٿو، جيڪو گهڻو ڪري پنهنجن جزن جي انفرادي معنائن کان مختلف يا انهن کان ڪجهه وڌيڪ گهرو مفهوم پيش ڪري ٿو.

اها ڳالهه ذهن نشين رکڻ گهرجي ته مرڪب لفظن جي جوڙجڪ ۾ صرفياتي عمل جو دخل تمام محدود آهي، ڇاڪاڻ ته هن ۾ نه ته ڪا اڳياڙي ملائي وڃي ٿي ۽ نه ئي ڪا پڇاڙي، بلڪ رڳو ٻن آجن لفظن جي سڌي سنئين ملاوٹ سان نئون لفظ وجود ۾ اچي ٿو. اهائي خاصيت مرڪب لفظن کي ٻين ماخوذ لفظن کان نمايان ۽ الڳ ڪري ٿي، ۽ لسانيات جي ماهرن جي نظر ۾ اها لفظ سازيءَ جو هڪ اهم ۽ زرخيز ذريعو تصور ڪئي ويندي آهي، خاص ڪري شاعراڻي ٻوليءَ ۾، جتي مرڪب لفظن جي ذريعي معنى جي ڪثافت ۽ خيال جي گهرائي کي وڌيڪ اثرائتي نموني سان پيش ڪري سگهجي ٿو.

”مرڪب لفظ اهو آهي جنهن ۾ ٻئي هڪدم ويجها جزا آزاد روپ هوندا آهن.“ (جروار،2007ع، ص 172)

مرڪب لفظ اصل ۾ ٻن سالم ۽ پاڻ ۾ بي نياز روپن جي ٺهڪي اچڻ سان معرضِ وجود ۾ اچي ٿو، جتي ٻئي جزا هڪٻئي سان ڳنڍجي صوتياتي طور تي هڪ لڙي ٻڌجي وڃن ٿا. هن جوڙجڪ جي بنياد تي اهو چئي سگهجي ٿو ته مرڪب لفظ نه رڳو معنى جي سطح تي، پر آواز ۽ اُچار جي سطح تي به هڪ اڪائي وانگر ڪم ڪن ٿا، جنهن ڪري ٻولي ڳالهائيندڙ لاءِ اهو ممڪن نٿو ٿئي ته هو انهن ٻنهي جزن کي جدا جدا لهجي يا وقفي سان ادا ڪري.

هن قسم جي لفظن جي هڪ نمايان نشاني اها به آهي ته اُنهن جي اندروني جوڙجڪ بيهڪ ۾ مقرر ۽ غيرمتبدل هوندي آهي، يعني جزن جي ترتيب کي اڳتي پوئتي ڪرڻ سان اڪثر معنى بگڙجي ويندي آهي يا لفظ پنهنجي اصلي حيثيت وڃائي ويهندو آهي. ان کان علاوه، مرڪب لفظ جو مجموعي مفهوم اڪثر ڪري رڳو پنهنجن جزن جي انفرادي معنائن جو سادو جوڙ نه هوندو آهي، بلڪ اُن مان ڪو نئون، وسيع يا لاڪشڻي مفهوم پڻ اپري سگهي ٿو، جيڪو ٻولي جي استعمال ڪندڙن جي گڏيل فهم ۽ روايت تي ٻڌل هوندو آهي.

اهڙي طرح، مرڪب لفظن جي بيهڪ ۾ پختگي، معنى جي وحدت ۽ لاڪشڻيت جهڙيون خاصيتون گڏجي هڪ اهڙو فرق پيدا ڪن ٿيون، جيڪو انهن کي عام لفظن جي سلسليوار ترتيب کان الڳ بيهاري، ٻولي جي دائري ۾ هڪ مخصوص ۽ نمايان حيثيت ڏياري ٿو.

”مرڪب لفظ ان کي چئبو آهي جنهن ۾ ٻه يا ٻن کان وڌيڪ خودمختيار روپن مفرد لفظ گڏيل هجن. اهڙن لفظن يعني مرڪب لفظن سان پر-وس صورتن جو گڏجڻ بلڪل ممڪن نه آهي.“ (الانا،2005ع، ص 48)

مرڪب اهو لفظ آهي جنهن جي جوڙجڪ ۾ ٻه يا ان کان وڌيڪ خودمختيار روپ شامل هجن، يعني هڪ ئي لفظ جي جسم اندر هڪ کان وڌيڪ پاڻ ڀريا ۽ مڪمل روپ پاڻ ۾ ڳنڍيل حالت ۾ موجود هوندا آهن. اهو نُڪتو خاص طور تي وضاحت طلب آهي ته هن جوڙجڪ ۾ ڪوبه پروس روپ ڪنهن به صورت ۾ شامل نٿو ٿئي، يعني مرڪب لفظ جي بناوت مڪمل طور تي آزاد روپن تائين محدود رهي ٿي، ان ۾ ڪنهن اڳياڙي يا پڇاڙي جي شموليت جي گنجائش نه ٿي هوندي آهي.

جيڪڏهن مرڪب لفظن جي هڪ اهم صنف تي نظر وجهجي ته اها آهي مرڪب روپ وارا لفظ جن جي جوڙجڪ ٻن کان به وڌيڪ اهڙن جزن تي ٻڌل هوندي آهي، جيڪي هڪ گڏيل خيال يا واحد تصور جي اظهار لاءِ پاڻ ۾ متحد ٿين ٿا. ان جو مطلب اهو آهي ته ان صنف ۾ لفظن جي تعداد ۾ توسيع ٿي سگهي ٿي، پر انهن سڀني جزن جي وچ ۾ معنوي هڪجهڙائي ۽ تصوراتي وحدت قائم رهڻ لازمي شرط آهي، جنهن جي ذريعي اهي مختلف لفظ گڏجي به هڪ ئي ذهني تصوير يا مفهوم پيش ڪن ٿا.

”مرڪب لفظ اُهي آهن جن جي صورتن کي ٽوڙبو ته اُهي سادا لفظ ٿي پوندا، جن جي نرالي معنيٰ هوندي ۽ آزاد روپرڪندا. جهڙوڪ :ڪمبخت، جهنگٻلو، لٺ سردار، هٿڪڙي، نمڪحرام، پڳوانداس ۽ ورڪشاپ.“ (جتوئي، 2018ع، ص 113)

هن وصف مان اُهو مطلب اخذ ٿئي ٿو ته مرڪب لفظ اهي لفظ سڏجن ٿا جن کي جيڪڏهن جدا ڪجي، ته اُنهن مان به سالم ۽ مڪمل لفظ نروار ٿي پوندا، جن مان هر هڪ جي پنهنجي الڳ ۽ مستقل معنى موجود هوندي آهي. ٽوڙڻ کان پوءِ ظاهر ٿيندڙ اِهي ٻئي جزا حقيقت ۾ آزاد روپ رکندڙ مفرد لفظ هوندا آهن، يعني اُهي پاڻ پنهنجي جاءِ تي مڪمل لفظ هجڻ جي حيثيت رکن ٿا ۽ جملي ۾ الڳ الڳ به استعمال ٿي سگهن ٿا.

جنهن ڍنگ سان ٻه سالم لفظ پاڻ ۾ ملائي مرڪب لفظ جي بناوت ڪئي ويندي آهي، اُن جوڙجڪ جي عمل ۾ استعمال ٿيندڙ لفظن جا روپ هميشه آزاد روپوارا رهن ٿا، يعني اهي مرڪب ٿيڻ کان پوءِ به پنهنجي بنيادي حيثيت ۾ سالم رهن ٿا. هن جوڙجڪ جي عمل دوران انهن آزاد جزن سان گڏ ڪوبه پابند ورپ شامل نه ڪيو ويندو آهي، جنهن جو مطلب اهو آهي ته مرڪب لفظ جي

مڪمل بناوت خالص طور تي آزاد لفظن جي پاڻ ۾ ميلاپ تي ٻڌل هوندي آهي، ان ۾ ڪنهن به اڳياڙي يا پڇاڙي جي شموليت جو امڪان بنيادي طور تي خارج ٿي وڃي ٿو.

”سنڌيءَ ۾ ڪنهن به مرڪب لفظ ۾ ٻن کان وڌيڪ اسم بيهاري سگهجن ٿا.“ (قليچ،2015ع، ص 94)

مرڪب لفظن جي جوڙجڪ ۾ هڪ اهم صورت اها به آهي، جنهن ۾ به اسم پاڻ ۾ ملي هڪ نئون مرڪب لفظ جنم ڏين ٿا. لفظ سازيءَ جي هن نموني ۾ ٻئي جزا اسمي حيثيت رکن ٿا، ۽ سندن پاڻ ۾ گڏجڻ سان جيڪا نئين اڪائي وجود ۾ اچي ٿي، سا اصل ۾ ٻنهي اسمن جي پاڻ ۾ ڳانڍاپي مان جنم وٺي ٿي. مثال طور، ”گهرڏٽي“ (گهر ۽ ڏٽي) جهڙا به اسم شامل آهن، اهڙيءَ طرح ”راڄ ڏٽي“، ”ڳوٺ وڏيرو“، ”بت خانو“، ”ڪئا مار“، “آگ گاڏي“، ”نڙ بيت“، ”جنهگ ٻلو“، ”رَسُ ول“ ۽ ”انڊلٺ“ جهڙا لفظ به هن ئي قاعدي هيٺ اچن ٿا، جتي سنڌي ٻوليءَ جا ٻه الڳ الڳ اسم پاڻ ۾ ملي هڪ نئين، مرڪب حيثيت رکندڙ اڪائي ٺاهين ٿا. هنن مثالن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته اسم + اسم جي هن جوڙجڪ ۾ ٻنهي جزن جي اسمي نوعيت برقرار رهي ٿي، پر گڏجڻ کان پوءِ اُهي مجموعي طور تي هڪ خاص شئي، شخص يا تصور ڏانهن اشارو ڪن ٿا، جيڪو اڪثر ڪري ٻنهي جزن جي الڳ الڳ معنائن جي رڳو جمع کان به اڳتي هلي هڪ مخصوص ۽ مقرر مفهوم اختيار ڪري وٺي ٿو.

”مرڪب لفظ ٻن يا وڌيڪ ڀاڱن مان جڙي ۽ هر هڪ ڀاڱي جي ڪا ڌار معنيٰ آهي ۽ انهن مان انهيءَ لفظ جي گڏيل معنيٰ ٿي جڙي.“ (قليچ،2015ع، ص 65)

مطلب اهو آهي ته مرڪب لفظ جي بناوت ۾ بنيادي طور تي ٻه حصا شامل هوندا آهن، جن مان هر هڪ جي پنهنجي جدا ۽ مستقل معنى هوندي آهي، جيڪا ٻئي حصي جي معنى کان بلڪل الڳ ۽ خودمختيار هجي ٿي. پر جڏهن اهي ٻئي جدا جدا معنى رکندڙ حصا پاڻ ۾ ملن ٿا، تڏهن هو پنهنجي انفرادي حيثيت مان نڪري گڏيل طور تي رڳو هڪڙي ئي معنى جي اظهار جو ذريعو بڻجي وڃن ٿا.

اهڙي طرح چئي سگهجي ٿو ته مرڪب لفظ اهي لفظ آهن جن جا ٻئي جزا پنهنجي بنياد ۾ آزاد يعني مفرد لفظن جي حيثيت رکن ٿا، جيڪي پاڻ ۾ ڌار ڌار ۽ مختلف معنائون سانديندا آهن. جڏهن اِهي ٻئي مفرد ۽ آزاد لفظ گڏيل صورت ۾ استعمال ۾ آندا وڃن ٿا، تڏهن سندن نِنڍيءَ نِنڍيءَ الڳ معنائن جي بدران هڪ ئي نئين، متحد ۽ مرڪب معنى اُڀري اچي ٿي، جيڪا انهن ٻنهي جي پاڻ ۾ گڏجڻ جو نتيجو هوندي آهي.

”مرڪب لفظن سان ڪابه موزون پروس روپ ملائي اُن مان مرتب لفظ ٺاهبو آهي.“ (الانا،2010ع، ص 246)

جڏهن ٻن آزاد لفظن يا صورتن سان گڏ ڪو پابند روپ به شامل ڪيو ويندو، تڏهن اهو لفظ مرڪب لفظ جي دائري مان نڪري مرتب لفظ جي زمري ۾ شمار ٿيندو، ڇاڪاڻ ته مرڪب لفظ جي بنيادي شرط اها آهي ته ان جي جوڙجڪ ۾ پابند روپ ڪنهن به صورت ۾ شامل نه ٿئي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته مرڪب لفظ هميشه اُنهن ٻن يا ان کان وڌيڪ آزاد روپن جي پاڻ ۾ ميلاپ سان جڙي ٿو، جيڪي پاڻ ۾ گڏجڻ کان اڳ به مڪمل ۽ خودمختيار حيثيت رکندڙ هوندا آهن.

اهڙيءَ طرح مرڪب لفظ جي وصف هيئن بيان ڪري سگهجي ٿي ته اهي لفظ سازي جو اهو قسم آهن، جيڪو مڪمل طور تي ٻن آزاد روپن جي پاڻ ۾ نهڪ اچڻ سان مڪمل ٿئي ٿو، ۽ ان جي جوڙجڪ ۾ آزاد روپن ڪانسواءِ ڪوبه پابند روپ استعمال ٿيڻ جي گنجائش نه ٿي رهي. جيڪڏهن ڪنهن به لفظ جي بناوت ۾ هيءَ شرط پوري نه ٿئي، يعني جيڪڏهن ان ۾ آزاد روپن سان گڏ ڪو پابند روپ به داخل ٿي وڃي، ته پوءِ اُن لفظ کي مرڪب نه، بلڪ مرتب لفظ جو نالو ڏنو ويندو آهي. اهڙيءَ نموني مرڪب ۽ مرتب لفظن جي وچ ۾ بنيادي فرق ئي اهو آهي ته پهرئين ۾ خالص آزاد روپن جو ميلاپ هوندو آهي، جڏهن ته ٻئين ۾ آزاد روپن سان گڏ پابند روپ به شامل ٿي ويندا آهن.

”مرڪب لفظ جي حالت ۾، ٻه يا ٻن کان وڌيڪ خودمختيار روپ (مفرد لفظ) گڏيل هونديون آهي.“ (الانا، 2005ع، ص 48)

وياڪرڻي عمل جي دائري ۾ نظر رکجي ته مرڪب لفظن جي تشڪيل بنيادي طور تي مفرد لفظن جي ٻن خودمختيار روپن کي هڪ مخصوص ترتيب ۾ پاڻ ۾ جوڙڻ سان عمل ۾ اچي ٿي. هن جوڙجڪ جي عمل ۾ لفظن جا مختلف صرفياتي قسم پاڻ ۾ شامل ٿي سگهن ٿا، جن ۾ ٻه اسم پاڻ ۾، اسم ۽ فعل جو ميلاپ، صفت ۽ اسم جي ترڪيب، ظرف ۽ اسم جي جوڙجڪ، صفت ۽ فعل جو ميل، فعل ۽ فعل جي پاڻ ۾ ملاوٽ، اسم ۽ صفت جي ترتيب، ٻه صفتون پاڻ ۾، ۽ ٻه ظرف پاڻ ۾ ملي مرڪب لفظ جي بناوت ڪن ٿا.

هن ساري عمل ۾ اهو نُڪتو خاص طور تي اهميت رکي ٿو ته مرڪب لفظ جي جوڙجڪ ۾ شامل جزن جي پاڻ ۾ ترتيب ڪا به آزاد يا بي قاعدو نه هوندي آهي، بلڪ ان جي ٺهڻ لاءِ هڪ مخصوص وياڪرڻي بيهڪ جي پيروي ضروري هوندي آهي، جنهن ۾ ڪهڙو جزو پهريان ايندو ۽ ڪهڙو پوءِ، اِن ڳالهه تي گهڻي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت پوندي آهي، ڇاڪاڻ ته ترتيب ۾ ٿورو به ڦير گهير مرڪب لفظ جي مجموعي معنى يا نحوي حيثيت کي متاثر ڪري سگهي ٿو.

”مرڪب روپ وارا لفظ ٻن يا ٻن کان وڌيڪ اهڙن لفظن تي مشتمل هوندا آهن، جيڪي خيال/ تصور ۾ هڪ هجن. سنڌي ٻوليءَ ۾ ٽن قسمن جا مرڪب روپ وارا لفظ جاچيا ويا آهن.“ (جوڪيو،2017ع، ص 261)

سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي جوڙجڪ جو جائزو وٺجي ته مرڪب لفظن کي بناوت جي لحاظ کان ٽن بنيادي قسمن ۾ ورهايو ويو آهي. هن ورڇ جو حوالي سان ڊاڪٽر الطاف جوکيي پنهنجي تحقيقي مقالي موجب پهريون قسم ڪُليل مرڪب لفظن جو آهي، جنهن ۾ ٻئي جزا الڳ الڳ لکجن ٿا پر معنوي طور تي هڪ اڪائي جي حيثيت رکن ٿا. ٻيو قسم مستقل صورت وارن مرڪب لفظن جو آهي، جن ۾ ٻئي جزا ايتري ته پختي طرح ملي وڃن ٿا جو اُهي لکت ۾ به هڪ ئي لفظ وانگر ڳنڍيل نظر اچن ٿا. ٽيون قسم ڳنڍيندڙ ليڪ واري صورت جو آهي، جنهن ۾ ٻنهي جزن کي هڪ ليڪ ذريعي پاڻ ۾ ڳنڍيو ويندو آهي، جيڪا نه ته انهن کي مڪمل طور تي الڳ ڪري ٿي ۽ نه ئي مڪمل طور تي ملائي ٿي، بلڪ ٻنهي حالتن جي وچ واري صورت پيش ڪري ٿي.

هن ورڇ مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ مرڪب لفظن جي لکڻ ۽ بيهڪ جي انداز ۾ تنوع موجود آهي، ۽ ڊاڪٽر الطاف جوکيي جي هن تحقيقي ڪم جي روشنيءَ ۾ اهو چٽي سگهجي ٿو ته هر قسم جي پنهنجي الڳ صرفياتي ۽ املائي بيهڪ آهي، جيڪا مرڪب لفظن جي پروڙ ۽ استعمال کي وڌيڪ سلجهايل نموني سمجهڻ ۾ مدد ڏئي ٿي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ مرڪب لفظن جي مٿي بيان ڪيل ٽنهي قسمن کي جيڪڏهن مثالن جي روشنيءَ ۾ ڏٺو وڃي، ته هر قسم جي الڳ الڳ صرفياتي ۽ املائي بيهڪ نمايان طور تي سامهون اچي ٿي.

**پهريون مرڪب لفظ جو قسم:** ڪُليل مرڪب روپوارا لفظن ۾ ”وڏ ڦڙو“، ”اُتر واءُ“، ”خدا ترس“، ”گهر ڌڻي“ ۽ ”نانگ ول“ جهڙا لفظ اچن ٿا، جن جي لکت ۾ ٻئي جزا پاڻ ۾ ڪليل يا الڳ الڳ صورت ۾ لکيا وڃن ٿا، يعني انهن جي وچ ۾ نه ته ڪا ڳنڍيندڙ ليڪ استعمال ٿيندي آهي ۽ نه ئي اُهي هڪ لفظ وانگر پاڻ ۾ ملائي لکيا ويندا آهن، پر تڏهن به معنوي لحاظ کان اُهي هڪ ئي مربوط تصور جي نمائندگي ڪن ٿا.

**ٻيو مرڪب لفظ جو قسم:** ڳنڍيندڙ ليڪ سان جڙندڙ مرڪب لفظن ۾ ”يڪ جاءِ“، ”يڪ انداز“، ”يڪ مشت“، ”اڌ رنگ“ ۽ ”اڌ مئو“ جهڙا مثال اچن ٿا، جن ۾ ٻنهي جزن جي وچ ۾ هڪ ننڍڙي ليڪ (-) استعمال ڪري انهن کي پاڻ ۾ ڳنڍيو ويندو آهي. هن قسم جي بيهڪ اصل ۾ ڪليل ۽ مستقل صورت جي وچ واري هڪ منتقلي مرحلي جي حيثيت رکي ٿي، جنهن ۾ ٻئي جزا نه مڪمل طور تي الڳ رهن ٿا ۽ نه ئي مڪمل طور تي هڪ ٿي وڃن ٿا.

**ٽيون مرڪب لفظ جو قسم:** مرمستقل روپوارا مرڪب لفظن ۾ ”خوشگوار“، ”رحمدل“، ”سالگرهه“، ”آمدورفت“ ۽ ”اڳڪٿي“ جهڙا لفظ شامل آهن، جن جي لکت ۾ ٻئي جزا ايتري پختي نموني سان پاڻ ۾ ملي وڃن ٿا جو اهي هاڻي هڪ ئي مسلسل ۽ اڻري لفظ جي صورت اختيار ڪري چڪا هوندا آهن، ۽ عام پڙهندڙ لاءِ اُنهن جي اندر مخفي ٻنهي الڳ جزن کي محسوس ڪرڻ اڪثر مشڪل ٿي پوندو آهي، ڇاڪاڻ ته اهي لفظ لکت ۽ استعمال ٻنهي حوالن سان مڪمل طور تي هڪ جاءِ ٿي چڪا هوندا آهن.

## مرڪب لفظن جي جوڙجڪ

شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ مرڪب لفظن جي فنڪارانه ۽ سگهڙائپ سان ڪيل استعمال سان پنهنجي ڪلام کي نه رڳو معنوي ڪثافت بخشي آهي، پر سنڌس شاعراڻي ٻولي کي بر نڪاري ۽ نمايان ڪري ڇڏيو آهي. شاهه لطيف جي ڪلام ۾ رڳو سنڌي ٻوليءَ جا ئي نه، پر ٻين ٻولين مان اخذ ٿيل مختلف قسمن جا مرڪب لفظ به گهڻي انداز ۾ ملن ٿا، جيڪي سنڌس وسيع لسانياتي ادراڪ جو مظهر آهن.

جيئن اڳ ۾ بيان ٿي چڪو آهي ته مرڪب لفظ اُن جوڙجڪ کي چئبو آهي، جيڪا ٻن يا ان کان وڌيڪ مفرد لفظن جي پاڻ ۾ ميلاپ سان مڪمل ٿئي ٿي، جنهن ۾ هر هڪ جزو پنهنجي جدا معنى رکندي به گڏجي هڪ نئين ۽ متحد مفهوم کي جنم ڏئي ٿو. شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ خاص طور تي اسمن جي پاڻ ۾ جوڙ سان اهڙا ڪيترائي مرڪب لفظ ترتيب ڏنا آهن، جيڪي سنڌس ڪلام جي لسانياتي رچنا ۾ هڪ الڳ نُدرت ۽ باريڪ بينيءَ جو ثبوت پيش ڪن ٿا.

هن جوڙجڪ ۾ عام طور تي هڪ اسم يا ضمير سان گڏ ٻيو لفظ ڳنڍيو ويندو آهي، جتي ٻنهي جزن جي وچ ۾ هڪ خاص قسم جو دارومدار قائم ٿئي ٿو، يعني پهريون جزو پوئين جزي جي معنى کي وڌيڪ واضح ۽ نروار ڪرڻ جو ڪم سرانجام ڏئي ٿو. اهو نُڪتو خاص طور تي ڌيان لائق آهي ته مرڪب لفظ، حالت فاعلي کان سواءِ لڳ ڀڳ باقي سمورين حالتن جي معنى ادا ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا، ۽ اسمن جي مختلف حالتن واري هن جوڙجڪ مان اڪثر حرفِ جر جهڙيون معنائون به نروار ٿينديون آهن.

جيڪڏهن شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل مرڪب لفظن جي اندروني بيهڪ ۽ روپ جو جائزو ورتو وڃي، ته اهي مختلف صورتن ۾ ورهايل نظر اچن ٿا، جن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

هر ٻوليءَ ۾ ڪجھ فطري خوبيون پاڻمرادو موجود هونديون آهن، پر انهن خوبين کي اُپارڻ ۽ نکارڻ جو ڪم هڪ صاحبِ فن شاعر پنهنجي ذهانت ۽ فني مهارت سان ئي سرانجام ڏئي سگھي ٿو. اها ئي خصوصيت شاهه لطيف جي ڪلام ۾ به موجود آهي، جنهن هيٺ هن ٻين ٻولين جا لفظ پنهنجي مادري زبان ۾ سمو ڪري، انهن ۾ نوان معنوي رنگ پيدا ڪيا آهن، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌي ٻوليءَ جو لفظي ذخيرو وڌيڪ ڀرپور ٿي پيو آهي.

اها حقيقت آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا گھڻائي لفظ موجود آهن جيڪي ٻن ننڍڙن، پر پاڻ ۾ آزاد ۽ بامعنى جزن جي ميلاپ سان جڙن ٿا، جنهن مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته اسان جي ٻوليءَ جي اندروني بناوت ۾ لفظن جا مختلف قسم شامل آهن. شاهه لطيف جو چيل ڪلام ڪيترن ئي موضوعن تي مشتمل آهي، جنهن سنڌي ٻوليءَ کي هميشه جيئري ۽ تازي رکيو آهي، ۽ سندس شاعريءَ جي لفظي بيهڪ جو مطالعو ڪجي ته اُها سندس فني ڪمال ۽ ٻوليءَ جي سليسائيءَ جو ڪليل ثبوت بڻجي پوي ٿي.

لطيف جي شاعريءَ ۾ ملندڙ مرڪب لفظن کي جيڪڏهن روپن جي بنياد تي ورهايو وڃي ته اُهي هيٺين پنجن قسمن ۾ اچي سگھن ٿا:

پهريون روپ اُهو آهي جنهن کي سنسڪرت ۾ ”تتپرش“ ۽ عمومي طور تي ”سماس“ جو نالو ڏنو ويو آهي. هن قسم جي مرڪب لفظن ۾ ٻنهي مفرد جزن جي وچ ۾ هڪ گهرو ۽ ويجھو رشتو ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

ٻئي قسم ۾ لفظن جو ميلاپ اهڙي نموني ٿيل هوندو آهي، جو انهن ٻنهي کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ لاءِ هڪ نسبتي، پر ڳجهي حرفِ جملي جي نشاني وچ ۾ فرض ڪئي ويندي آهي.

ٽئين قسم ۾ پهريون جزو صفت جي حيثيت ۾ ڪم اچي ٿو، ۽ اهڙي جوڙجڪ سنسڪرت توڙي سنڌيءَ ٻنهي ۾ عام ملي ٿي، جنهن کي سنسڪرت ۾ ”ڪرتداريه“ چئبو آهي. پهرين ۽ ٽئين قسم جي وچ ۾ بنيادي فرق اهو آهي ته پهرين قسم جي مرڪب لفظن کي جيڪڏهن جدا ڪجي ته پهريون جزو حالتِ مفعولي يا حالتِ جري اختيار ڪري ٿو، جڏهن ته ٽئين قسم ۾ پهرين جزي جي الڳ حيثيت ختم ٿي وڃي ٿي ۽ سڄو مرڪب لفظ هڪڙي ئي حالت ۾ ڪم ايندو آهي.

چوٿين قسم ۾ مرڪب لفظ جو پهريون جزو ڪو عدد هوندو آهي، جنهن کي سنسڪرت ۾ ”دوگه“ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو.

پنجين قسم جي مرڪب لفظن ۾ سدائين اضافت جي معنى ظاهر ٿئي ٿي، ۽ انهن کي سنسڪرت ۾ ”بهووريه“ چئبو آهي، جيڪي هڪ خاصيت ظاهر ڪندي سدائين صفت طور ڪم ايندا آهن. ٽئين ۽ پنجين قسم جي وچ ۾ بنيادي فرق اهو آهي ته ٽئين قسم ۾ رڳو پهريون جزو ٻئي جزي جي صفت بيان ڪري ٿو، جڏهن ته پنجين قسم ۾ سڄو مرڪب لفظ گڏيل طور تي صفت جي حيثيت اختيار ڪري ٿو.

### شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ استعمال مرڪب لفظ

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ڪم آيل ٻولي اصل ۾ انهيءَ دؤر جي پيداوار آهي، جنهن ۾ اها سترهين ۽ ارڙهين صديءَ دوران سنڌ جي ادبي ۽ معياري ٻوليءَ جي حيثيت اختيار ڪري چڪي هئي. هن دؤر واري لسانياتي پس منظر جي روشنيءَ ۾ اهو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪن اپڀرنش دور جا لفظ به گهڻي انداز ۾ سمايل مليا آهن. ان کان علاوه، شاهه لطيف جي رسالي جي جاءِ به جاءِ اپياس ڪجي ته عربي، فارسي، بلوچي ۽ پشتو جهڙين ٻولين جو اثر به چٽيءَ طرح محسوس ٿئي ٿو، جيڪو شاهه لطيف جي شاعراڻي ٻوليءَ ۾ هڪ خاص وسعت ۽ رنگارنگيءَ کي جنم ڏئي ٿو.

شاهه لطيف جي ڪلام جي ٻوليءَ جو جيڪڏهن گهرائيءَ سان جائزو ورتو وڃي، ته اهو ظاهر ٿئي ٿو ته ان جو وياڪرڻي سرشتو نسبتاً ابتدائي نوعيت جو هجڻ سان گڏوگڏ لفظن جي لحاظ کان هڪ اڻٿڪ ۽ بيپناه سمنڊ جي حيثيت رکي ٿو. سنڌي ٻوليءَ جي هڪ بنيادي ۽ فطري خوبي اها آهي ته ان اندر ٻين ڪيترين ئي ٻولين جا لفظ پاڻ ۾ سمائي ورتا آهن، ۽ شاهه لطيف جي رسالي جي ٻوليءَ ۾ به اهڙيون ئي لسانياتي ريتون نمايان نموني موجود آهن. انهن ۾ خاص طور تي اوائلي پراڪرت ۽ ويدڪ دؤر جا لفظ، پالي ٻوليءَ جا اثر، ۽ ٻئي دؤر واري پراڪرت جي مختلف صورتن يعني مهاراشٽري، شورسيني، اَرڌ ماگڌي ۽ ماگڌي جي لفظن جو هڪ لاثاني ۽ بيش قيمت ذخيرو شامل آهي.

هن سموري لسانياتي جائزي مان اهو نتيجو نڪري ٿو تہ شاهه لطيف جي رسالي ۾ آريائي ۽ غير آريائي ٻنهي گروهن جي ٻولين جا اهڙا قديم روپ ۽ قسم محفوظ ٿي بيٺا آهن، جيڪي وقت جي گذرڻ سان اڄ عام ٻوليءَ مان هوريا هوريا مٽجي ويا آهن يا لڳ ڀڳ ناپيد ٿي چڪا آهن، پر شاهه لطيف جي شاعريءَ جي دامن ۾ اهي اڄ به زنده ۽ محفوظ حالت ۾ موجود آهن.

جتي مرڪب لفظن جو سوال آهي، ته ان اصطلاح کي سنسڪرت ۾ ”سماس“ جي نالي سان به سڃاتو وڃي ٿو. سنڌي ٻوليءَ ۾ مرڪب لفظ سازيءَ وارو هي عنصر بنيادي طور تي انهن ئي ٻولين جي پاڙ ۽ ميراث مان اخذ ٿيل آهي، جيڪي سنڌيءَ سان گڏ صدين کان گڏوگڏ سفر ڪنديون رهيون آهن، ۽ اهو ورثو ئي سنڌي ٻوليءَ کي مرڪب لفظن جي حوالي سان ايتري ٻاجهاري ۽ متنوع بيهڪ عطا ڪري ٿو.

”مرڪب لفظ يعني سماس (compound word) ٺاهڻ واري روايت بہ سنڌيءَ، پراڪرت ۽ سنسڪرت ڪان وراثت ۾ حاصل ڪئي آهي.“ (مٺلاڻي، 2001ع، ص 79)

شاھ لطيف جي رسالي ۾ مليل اهڙا لفظ، جيڪي ٻن يا ان ڪان وڌيڪ آزاد روپن جي پاڻ ۾ ميلاپ سان جڙن ٿا، تن جي جوڙجڪ ۾ هڪ خاص لسانياتي نزاڪت به موجود آهي، جنهن هيٺ حروف اضافت، حرف جر ۽ ڳنڍيندڙ لفظ اڪثر ڪري مرڪب صورت اندر ائين هضم ٿي وڃن ٿا جو اُهي پنهنجي جدا حيثيت ۾ ظاهر نٿا رهن، بلڪ سموري جوڙجڪ ۾ گڏجي هڪ روان ۽ سلجهيل صورت اختيار ڪري وٺن ٿا. اهو ئي نمونو آهي جنهن جي وسيلي ٻولي ۾ مرڪب لفظ نهايت سهڻي ۽ سليس انداز سان جڙي پوندا آهن، بغير ان جي جو انهن جي بيهڪ ۾ ڪا ڏنگائي يا ڳوجهارت محسوس ٿئي.

جيڪڏهن شاھ لطيف جي شاعريءَ ۾ ڪم آيل مرڪب لفظن جي رچنا تي غور ڪجي ته ان اندر ڪجھ اهڙيون مخصوص خاصيتون ضرور موجود آهن، جيڪي سندس ڪلام کي ٻين معاصر يا اڳوڻن شاعرن جي شاعريءَ ڪان ممتاز ۽ الڳ بيهارين ٿيون. اصل ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ مرڪب لفظن جي بناوٽ جون جيڪي به مکيه لسانياتي خاصيتون مقرر ٿيل آهن، اهي سموريون خاصيتون شاھ لطيف جي شاعريءَ ۾ ڪم آيل مرڪب لفظن جي جوڙجڪ اندر به پوريءَ طرح جهلڪن ٿيون، جنهن مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته شاھ لطيف پنهنجي دؤر جي لساني رچنا ڪان هرگز الڳ نه رهيو آهي، بلڪ ان کي پوريءَ مهارت سان پنهنجي ڪلام ۾ سمويو اٿس.

شاھ لطيف جي رسالي جو جيڪڏهن سرسري جائزو ورتو وڃي ته ان ۾ مرڪب لفظن جو استعمال تمام گهڻي انداز ۾ نظر اچي ٿو، ايتري قدر جو انهن سڀني مرڪب لفظن کي مڪمل طور تي هڪ جاءِ تي گڏ ڪري بيان ڪرڻ هن تحقيقي ڪم جو مقصود ۽ دائرو ڪار نه آهي. ان بدران هن مقالي ۾ رڳو مرڪب لفظن جي بنيادي ۽ نمائندي قسمن کي سمجهڻ خاطر چند اهڙا مثال ۽ حوالا شامل ڪيا ويندا، جن جي روشنيءَ ۾ اِهو واضح ٿي سگهي ته شاھ لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ مرڪب لفظن جي جڙت ڪهڙي نموني ۽ ڪهڙين اصولن تحت ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ اهو نڪتو به خاص طور تي اهم آهي ته شاھ لطيف جي شاعريءَ ۾ ڪم آيل مرڪب لفظ جن بنيادي جزن مان ٺهيل آهن، انهن جي درست پروڙ حاصل ڪرڻ لاءِ لفظ جي اشتقاقي پس منظر کي سمجهڻ نهايت ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته اهائي اشتقاقي بنياد ئي اُن لفظ جي صحيح ۽ مطلوب معنى جو تعين ڪرڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿي.

مَنجها لَڏو مُون، ڪوهِيارو ڪيچَ ڌَڻِي، (گربخشاڻي،2007ع، ص 300)

شاھ لطيف ”ڪيچَ ڌڻي“ جهڙو مرڪب لفظ ڪم آڻي پنهنجي شاعراڻي رچنا جي عمدي مثال پيش ڪئي آهي. هن مرڪب لفظ جي جوڙجڪ ٻن آزاد اسمن يعني ”ڪيچ“ ۽ ”ڌڻي“ جي پاڻ ۾ ميلاپ سان مڪمل ٿئي ٿي، جتي ”ڪيچ“ هڪ جاءِ يا علائقي جو نالو آهي، جڏهن ته ”ڌڻي“ مالڪ يا حاڪم جي معنى ڏئي ٿو. اهي ٻئي جزا جڏهن پاڻ ۾ گڏجن ٿا، تڏهن اُهي پنهنجي انفرادي معنائن ڪان اڳتي وڌي هڪ مخصوص ۽ مرڪب مفهوم اختيار ڪري وٺن ٿا، يعني ”ڪيچ جو حاڪم/مالڪ“، جيڪو سُر سسئي جي حوالي سان هڪ مخصوص ڪردار (پنهون) ڏانهن اشارو ڪري ٿو.

هن مرڪب لفظ جي بيهڪ اصل ۾ اڳ ۾ بيان ٿيل ”گهر ڌڻي“ ۽ ”راج ڌڻي“ جهڙي جوڙجڪ سان ملندڙ جلندڙ آهي، جتي ٻئي جزا اسمي حيثيت رکن ٿا ۽ ٻنهي جي وچ ۾ اضافت جو رشتو قائم ٿئي ٿو، يعني پهريون جزو (ڪيچ) ٻئي جزي (ڌڻي) سان لاڳاپيل حالت ۾ بيهي ان جي معنى کي وڌيڪ مخصوص ۽ محدود ڪري ٿو. هن قسم جي جوڙجڪ ۾ ”ڌڻي“ جهڙو لفظ عام طور تي مالڪيت يا حاڪميت جي مفهوم کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ٻين لفظن سان به ڪثرت سان ملي مرڪب لفظ ٺاهيندو آهي، جيئن ”گهر ڌڻي“، ”راج ڌڻي“ وغيره، ۽ ”ڪيچ ڌڻي“ به ان ئي نموني جي هڪ خوبصورت مثال آهي، جيڪا شاھ لطيف جي شاعراڻي مهارت ۽ لفظ سازيءَ جي فن کي اجاگر ڪري ٿي.

آڻي اُتَرَ واءَ موکِيَ مَٺَ اُپَٽِيا، (گربخشاڻي،2007ع، ص 114)

شاھ لطيف ”اُتَرَ واءَ“ جهڙو مرڪب لفظ ڪم آڻي پنهنجي شاعراڻي بيانِ منظر کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو آهي. هن مرڪب لفظ جي جوڙجڪ ٻن آزاد لفظن يعني ”اُتر“ (هڪ طرف يا سمت ڏانهن اشارو ڪندڙ اسم) ۽ ”واءُ“ (هوا) جي پاڻ ۾ ميلاپ سان مڪمل ٿئي ٿي، جتي پهريون جزو ٻئي جزي جي معنى کي مخصوص ڪري ٿو، يعني ”اُتر طرف ڪان لڳندڙ هوا“.

هن مرڪب لفظ جي بيهڪ اڳ ۾ بيان ڪيل ڪليل مرڪب روپ وارن لفظن جي زمري ۾ اچي ٿي، جتي ٻئي جزا لکت ۾ الڳ الڳ صورت ۾ لکجن ٿا، پر معنوي لحاظ ڪان اُهي هڪ ئي مربوط تصور جي نمائندگي ڪن ٿا، يعني ٻنهي کي گڏي پڙهڻ سان ئي هڪ خاص، مخصوص ۽ مڪمل مفهوم اُڀري اچي ٿو. هتي ”اُتر“ لفظ صفت جهڙي حيثيت ۾ ڪم آيو آهي، جيڪو ”واءُ“ جي معنى کي وڌيڪ واضح ۽ محدود ڪري ٿو، ۽ هن ريت هي جوڙجڪ اڳ ۾ بيان ڪيل ڪرتداريه قسم واري صورت سان به لاڳاپو رکي ٿي، جنهن ۾ پهريون جزو ٻئي جزي جي لاءِ صفت وانگر ڪم اچي ٿو.

شاهه لطيف جي هن سٽ ۾ ”اُتر واءَ“ جو استعمال نه رڳو لسانياتي طور تي مرڪب لفظ سازيءَ جي فن کي ظاهر ڪري ٿو، پر منظرنگاريءَ جي لحاظ کان به اُتر طرف کان لڳندڙ خاص قسم جي هوا جي جهلڪ پيش ڪري، بيت جي مجموعي فضا ۽ ڪيفيت کي وڌيڪ رنگين ۽ جاندار بڻائي ٿو.

اَنگُنِ چاڙهي اَنگُ، رُوندِي سا رَتَ ڦُڙا، (گربخشاڻي،2007ع، ص 424)

شاهه لطيف ”رَتَ ڦُڙا“ جهڙو مرڪب لفظ ڪم آڻي درد ۽ سوز جي ڪيفيت کي نهايت اثرائتي نموني پيش ڪيو آهي. هن مرڪب لفظ جي جوڙجڪ ٻن آزاد اسمن يعني ”رَتُ“ (رت/خون) ۽ ”ڦُڙو“ (ڦڙو/ڦڙا، جنهن مان مراد ماکي يا ڳوڙهي جهڙي شئي جو قطرو آهي) جي پاڻ ۾ ميلاپ سان مڪمل ٿئي ٿي.

هن جوڙجڪ ۾ پهريون جزو ”رَتُ“ ٻئي جزي ”ڦُڙا“ جي معنى کي مخصوص ۽ نروار ڪري ٿو، يعني رت جا ڦڙا يا رت جهڙا ڳوڙها، جيڪي ڏک ۽ سور جي انتهائي شدت کي ظاهر ڪن ٿا. هن مرڪب لفظ جي بيهڪ اڳ ۾ بيان ٿيل ”وڏ ڦڙو“ جهڙي جوڙجڪ سان به ملندڙ جلندڙ آهي، جتي ٻئي جزا اسمي حيثيت ۾ گڏجي هڪ خاص، مخصوص ۽ لاڪشڻي مفهوم پيدا ڪن ٿا، يعني ”رَتَ ڦُڙا“ رڳو حقيقي رت جي قطرن ڏانهن اشارو نه ڪري، بلڪ آنسن جي بهاءَ کي به استعارتي انداز ۾ بيان ڪري ٿو، جتي روئندڙ عورت جا ڳوڙها رت جي ڦڙن جيان سُرخ ۽ سوزناڪ محسوس ٿين ٿا.

هن مرڪب لفظ جي ذريعي شاهه لطيف نه رڳو لسانياتي مهارت جو مظاهرو ڪيو آهي، پر جذبات جي شدت ۽ ڏک جي انتهائي ڪيفيت کي به نهايت مؤثر ۽ تصويري انداز ۾ پيش ڪري، بيت جي مجموعي فضا کي وڌيڪ دردناڪ ۽ جذباتي بڻايو آهي.

ٿُون سَمُون، آئُون گَندِرِي، مُون ۾ عَيبَنِ جُوءِ، (گربخشاڻي،2007ع، ص 600)

هن بيت ۾ ”عَيبَنِ جُوءِ“ مرڪب لفظ جي حيثيت رکي ٿو، جيڪو ”عيب“ ۽ ”جوءِ“ جي پاڻ ۾ ميلاپ سان ٺهيو آهي. هن جوڙجڪ ۾ ٻنهي جزن جي وچ ۾ هڪ ڳجهي حرفِ جملي واري نسبت شامل آهي (يعني جو وارو اضافتي رشتو)، جنهن ڪري هي مرڪب لفظ ٻئي قسم (حرف جملي واري صورت) ۾ اچي ٿو. مجموعي معنى ۾ اهو ”عيبن ڀريل“ يا ”عيبن جي نوعيت رکندڙ“ جو مفهوم ڏئي، شاهه لطيف جي عاجزيءَ ۽ خودانتقاديءَ واري ڪيفيت کي اظهاري ٿو.

لَڳِي اُتَرَ هِيرَ، سامُندِيَنِ سِڙهَ سَنباهِيا، (گربخشاڻي،2007ع، ص 212)

هن بيت ۾ ”اُتَرَ هِيرَ“ مرڪب لفظ آهي، جيڪو ”اُتر“ ۽ ”هير“ (سرد هوا/سيءَ جي لڪير) جي پاڻ ۾ ميلاپ سان ٺهيو آهي. پهريون جزو ”اُتر“ ٻئي جزي ”هير“ جي معنى کي مخصوص ڪري ٿو. (اُتر طرف کان لڳندڙ ٿڌي هير)، جيڪا ڪرتداريه قسم واري صفتي جوڙجڪ ۽ ڪليل مرڪب روپ جو مثال آهي. هن مرڪب لفظ سان شاهه لطيف ساموندي واپارين جي سفر لاءِ سازگار ٿڌي هوا جي منظرڪشي ڪئي آهي، جنهن تحت اُهي جهاز جا سڙ تيار ڪن ٿا.

لَڏِيسُون، لَطِيفُ چِي، ڪَنا ڏاتَرَ ڏاتِ، (گربخشاڻي،2007ع، ص 492)

هن بيت ۾ ”ڏاتَرَ ڏاتِ“ مرڪب لفظ آهي، جيڪو ”ڏاتار“ (ڏاتار/الله، جنهن جو حالتِ جري روپ ڏاتَرَ آهي) ۽ ”ڏاتِ“ (بخشش/عطا) جي پاڻ ۾ ميلاپ سان ٺهيو آهي. هن جوڙجڪ ۾ پهريون جزو حالتِ جري (اضافتي حالت) ۾ اچي ٿو، جيڪو مرڪب لفظ جي پهرين قسم (تتپرش) جي خاصيت آهي، جتي جدا ڪرڻ سان پهرين جزي جي حالت مفعولي يا جري ظاهر ٿئي ٿي. مجموعي معنى ۾ اهو ”ڏاتار جي ڏات“ يعني الله جي عطا ڪيل نعمت جو مفهوم ڏئي، شاهه لطيف جي عاجزيءَ ۽ شڪرگذاريءَ واري ڪيفيت کي اظهاري ٿو.

ڏُئِي ڏارَ ڏَري، خُلَّتَ خَنجَرُ آئيو. (قاضي،1993ع، ص 43)

هن بيت ۾ ”خُلَّتَ خَنجَرُ“ مرڪب لفظ آهي، جيڪو ”خُلَّت“ (دوستي/محبت، عربي الاصل لفظ) ۽ ”خَنجَرُ“ (خنجر) جي پاڻ ۾ ميلاپ سان ٺهيو آهي. پهريون جزو حالتِ جري (اضافتي حالت) ۾ اچي ٿو، جيڪو تتپرش قسم واري جوڙجڪ جي خاصيت آهي. مجموعي معنى ۾ اهو ”محبت جو خنجر“ جو مفهوم ڏئي ٿو، يعني محبت جي دردناڪ ڌار جيڪا خنجر جيان دل چيري ٿي. شاهه لطيف هن مرڪب لفظ ذريعي عشق جي سور کي تصويري نموني پيش ڪيو آهي.

تہ مَرُ لَڳِي لُوهَ، ٿَرَ ٻاٻِيهو ٿِي مَران! (گربخشاڻي،2007ع، ص 414)

هن بيت ۾ ”ٿَرَ ٻاٻِيهو“ مرڪب لفظ آهي، جيڪو ”ٿر“ (ٿر جو علائقو) ۽ ”ٻاٻِيهو“ (پکيءَ جو نالو، جيڪو سک ۽ اُڃ ۾ رڙيون ڪري) جي پاڻ ۾ ميلاپ سان ٺهيو آهي. پهريون جزو حالتِ جري (اضافتي حالت) ۾ اچي ٿو، جيڪو تتپرش قسم واري جوڙجڪ جي خاصيت آهي. مجموعي معنى ۾ اهو ”ٿر جو ٻاٻيهو پکي“ جو مفهوم ڏئي ٿو، يعني ٿر واري تپش ۾ سڪ ۽ اُڃ ۾ رڙندڙ پکي. شاهه لطيف هن مرڪب لفظ سان پنهنجي سڪ ۽ اُڃ واري ڪيفيت کي هن پکيءَ جي علامت ذريعي اظهاريو آهي.

ACADEMIA International Journal for Social Sciences
Volume 5, Issue 3(s10), 2026 ISSN-L (Online): 3006-6638

وِهُسَنِ واڙِيَ ڦُلَ جِنءَ، مَحبتِي مَڃَ لاءِ. (قاضي، 1993ع، ص 30).

”واڙِيَ ڦُلَ“ پڻ هڪ مرڪب لفظ آهي، جيڪو ”واڙِي“ (واڙو/باغ، حالتِ جري ۾) ۽ ”ڦُل“ (گل) جي پاڻ ۾ ميلاپ سان ٺهيو آهي. پهريون جزو حالتِ جري (اضافتي حالت) ۾ اچي ٿو، جيڪو تتپرش قسم واري جوڙجڪ جي خاصيت آهي. مجموعي معنى ۾ اهو ”واڙِي جو گل“ يعني باغ ۾ اُپرندڙ گل جو مفهوم ڏئي ٿو.

سا مُون هٿان نه ٿئي، جيڪا رَسَمَ راڄ، (قاضي، 1993ع، ص 362)

هن بيت ۾ ”رَسَمَ راڄ“ مرڪب لفظ آهي، جيڪو ”رَسَمَ“ (رسم/رواج، حالتِ جري ۾) ۽ ”راڄ“ (راڄ/قوم) جي پاڻ ۾ ميلاپ سان ٺهيو آهي. پهريون جزو حالتِ جري (اضافتي حالت) ۾ اچي ٿو، جيڪو تتپرش قسم واري جوڙجڪ جي خاصيت آهي. مجموعي معنى ۾ اهو ”راڄ جي رسم“ يعني قوم يا سماج جو رواج جو مفهوم ڏئي ٿو.

نه ڪِين ڳوڏِ ڳَرَٿُ، مٿا سِرَ سؤدا ڪري. (ڳربخشاڻي،2007ع، ص 122)

”ڳوڏِ ڳَرَٿُ“ پڻ هڪ مرڪب لفظ آهي، جيڪو ”ڳوڏِ“ (ڳوڏ/ڪيسو-ٿيلهو، حالتِ ظرفي/آلاتي ۾) ۽ ”ڳَرَٿُ“ (ڳَرَٿ/مال-دولت) جي پاڻ ۾ ميلاپ سان ٺهيو آهي. هن جوڙجڪ ۾ ”ڳوڏِ“ ٻئي جزي ”ڳَرَٿُ“ جي معنى کي مخصوص ڪري ٿو، يعني اُهو مال جيڪو ڳوڏ (ٿيلهي/ڪيسي) ۾ سانديل هجي. مجموعي معنى ۾ اهو ”ڳوڏ (ٿيلهي) ۾ رکيل مال/دولت“ جو مفهوم ڏئي ٿو، جنهن مان مراد سانديل يا محفوظ رکيل مادي دولت آهي، جنهن جي مقابلي ۾ شاهه لطيف سچي عشق واري ”سِرَ سؤدا“ (جان جي بازي) کي وڏيڪ اُتم قرار ڏنو آهي.

واڄَٽُ وَڄي وُجُودَ ۾، رَهِيو رُوحَ رَبابُ. (ڳربخشاڻي،2007ع، ص 228)

هن بيت ۾ ”رُوحَ رَبابُ“ مرڪب لفظ آهي، جيڪو ”رُوحَ“ (روح، حالتِ جري ۾) ۽ ”رَبابُ“ (رباب/ساز) جي پاڻ ۾ ميلاپ سان ٺهيو آهي. پهريون جزو حالتِ جري (اضافتي حالت) ۾ اچي ٿو، جيڪو تتپرش قسم واري جوڙجڪ جي خاصيت آهي. مجموعي معنى ۾ اهو ”روح جو رباب“ يعني اندر ۾ وڄندڙ روحاني ساز جو مفهوم ڏئي ٿو، جنهن سان شاهه لطيف وجود اندر هردم گونجندڙ الاهي محبت جي ڪيفيت کي رباب جي علامت ذريعي پيش ڪيو آهي.

وَڏَ ڦُڙو ۽ واءُ، ڪَرَهي ڪاڏو ڪوڙِئو، (ڳربخشاڻي،2007ع، ص 161)

هن بيت ۾ ”وَڏَ ڦُڙو“ مرڪب لفظ آهي، جيڪو ”وَڏَ“ (وڏو/وڏي، صفت) ۽ ”ڦُڙو“ (ڦڙو/قطرو، اسم) جي پاڻ ۾ ميلاپ سان ٺهيو آهي. هن جوڙجڪ ۾ پهريون جزو صفت طور ٻئي جزي جي معنى کي بيان ڪري ٿو، جيڪو ڪرتداريه قسم واري جوڙجڪ جي خاصيت آهي. مجموعي معنى ۾ اهو ”وڏو ڦڙو“ يعني وڏي قطري (مينهن جي) جو مفهوم ڏئي ٿو، جنهن سان شاهه لطيف منظرڪشيءَ ۾ زبردست ۽ گهاٽي برسات جي ڪيفيت پيش ڪئي آهي.

قَضا رِءَ ڪيرَ ڏَري؟ مَٿي پاٽِيَ پيرَ، (ڳربخشاڻي،2007ع،ص 239)

هن بيت ۾ ”پاٽِيَ پيرَ“ مرڪب لفظ آهي، جيڪو ”پاٽِيَ“ (پاٽي/جل، حالتِ جري ۾) ۽ ”پيرَ“ (پيرو/رستو ، وهڪرو) جي پاڻ ۾ ميلاپ سان ٺهيو آهي. پهريون جزو حالتِ جري (اضافتي حالت) ۾ اچي ٿو، جيڪو تپرش قسم واري جوڙجڪ جي خاصيت آهي. مجموعي معنى ۾ اهو ”پاٽيءَ جو پيرو/وهڪرو“ جو مفهوم ڏئي ٿو، جنهن سان شاهه شاهه لطيف قدرتي وهڪري يا سيلاب جي رستي جي منظرڪشي ڪئي آهي.

ڪاڪِ ڪَڙهِي، وَڻَ وِئا، ٻَرِئا مَحَلَ ماڳَ؛ (ڳربخشاڻي،2007ع، ص 484)

هن بيت ۾ ”مَحَلَ ماڳَ“ مرڪب لفظ آهي، جيڪو ”مَحَلَ“ (محل، حالتِ جري ۾) ۽ ”ماڳَ“ (ماڳ/جاءِ) جي پاڻ ۾ ميلاپ سان ٺهيو آهي. پهريون جزو حالتِ جري (اضافتي حالت) ۾ اچي ٿو، جيڪو تتپرش قسم واري جوڙجڪ جي خاصيت آهي. مجموعي معنى ۾ اهو ”محلن جي جاءِ“ يعني محلاتي ماڳ يا اڏاوتن جو مفهوم ڏئي ٿو، جنهن سان شاهه لطيف ويران ٿيل ماڳن ۽ محلاتن جي حالت جي منظرڪشي ڪئي آهي.

ٿر ڏونگر روهه، ميي سپ مناڙيا. (مٿلاڻي، 2001ع، ص 90)

هن سٽ ۾ ”ڏونگرَ روهَ“ مرڪب لفظ آهي، جيڪو ”ڏونگر“ (جبل/غار) ۽ ”روهَ“ (جبل/غار) جهڙن هم معنى لفظن جي پاڻ ۾ ميلاپ سان ٺهيو آهي. هن قسم جي جوڙجڪ ۾ ٻئي جزا هڪجهڙي حالت (فاعلي) ۾ رهن ٿا ۽ هڪ ٻئي جي معنى کي تقويت ڏين ٿا، جيڪو ”دوَندوَ“ جوڙيدار (قسم واري مرڪب جوڙجڪ سان ملندڙ جلندڙ آهي، جتي هم معنى يا هم صنف لفظ پاڻ ۾ ملي هڪ

گڏيل ۽ تقويت يافته مفهوم پيش ڪن ٿا. مجموعي معنى ۾ اهو "جبل جهڙا اوچا غار/جبل" جو مفهوم ڏئي ٿو، جنهن سان شاهه لطيف ٿر جي ڏورانهين ۽ اوچي جاگرافيائي ڪيفيت پيش ڪئي آهي.

سُنهارا سورَٿِ وَرَا! ڳالِ هِيين سين لاءِ، (گربخشاڻي،2007ع، ص 623)

هن بيت ۾ "سورَٿِ وَرَ" مرڪب لفظ آهي، جيڪو "سورَٿِ" (سورٺ، حالتِ جري ۾) ۽ "وَرَ" (ور/مڙس) جي پاڻ ۾ ميلاپ سان ٺهيو آهي. پهريون جزو حالتِ جري ۾ اچي ٿو، جيڪو تتپرش قسم واري جوڙجڪ جي خاصيت آهي. مجموعي معنى ۾ اهو "سورٺ جو ور/راجا" جو مفهوم ڏئي ٿو (يعني سُر سورٺ جو مکيه ڪردار)، جنهن سان "سُنهارا" (سونهري) صفت گڏجي سندس حسن ۽ شان کي وڌيڪ اجاگر ڪري ٿي.

راهَ مُسافِرُ سَپُڪو، ڪونَ ڏِنو سوُن هِت ڏيهي، (گربخشاڻي،2007ع، ص 317)

هن بيت ۾ "راهَ مُسافِرُ" مرڪب لفظ آهي، جيڪو "راهَ" (راهه/رستو، حالتِ جري ۾) ۽ "مُسافِرُ" (مسافر) جي پاڻ ۾ ميلاپ سان ٺهيو آهي. پهريون جزو حالتِ جري ۾ اچي ٿو، جيڪو تتپرش قسم واري جوڙجڪ جي خاصيت آهي. مجموعي معنى ۾ اهو "رستي جو مسافر" يعني رستي تي سفر ڪندڙ راهي جو مفهوم ڏئي ٿو، جنهن سان شاهه لطيف هن دنيا ۾ هر ماڻهوءَ جي عارضي ۽ مسافراڻي حيثيت کي اجاگر ڪيو آهي.

نَصِيبُ ڪَرِ نَسُئِيَ کي، پُنهوءَ اُٺَ وَٿاڻُ. (گربخشاڻي، 2007ع، ص 315)

هن بيت ۾ "اُٺَ وَٿاڻُ" مرڪب لفظ آهي، جيڪو "اُٺَ" (اُٺ) ۽ "وَٿاڻُ" (وٿاڻ/چراگاهه-ٽِڪاڻو) جي پاڻ ۾ ميلاپ سان ٺهيو آهي. پهريون جزو ٻئي جزي جي معنى کي مخصوص ڪري ٿو، جيڪو ڪرتداريه يا تتپرش قسم واري جوڙجڪ سان لاڳاپيل آهي. مجموعي معنى ۾ اهو "اُٺن جو وٿاڻ/ٽِڪاڻو" جو مفهوم ڏئي ٿو، جنهن سان پُنهوءَ جي اُٺن جي ٽِڪاڻي ڏانهن وڃڻ جي منظرڪشي ٿئي ٿي.

نتيجو

شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ مرڪب لفظن جو تمام گهڻي مهارت ۽ فنڪاراڻي نموني استعمال ڪيو آهي. سندس رسالي مان ڪنيل مثالن جيئن "ڪيچَ ڌَڻِي"، "اُتَرَ واءُ"، "رَتَ ڦُڙا"، "ذَاتَرَ ذَاتِ"، "سِرَ سؤدا"، "رُوحَ رَبابُ" وغيره مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته شاهه لطيف گهڻي ڀاڱي تتپرش (حالتِ جري وارا) ۽ ڪرتداريه (صفتي) قسم جا مرڪب لفظ استعمال ڪيا آهن، جڏهن ته "وَنَّ ٿَنَّ" ۽ "ڏونگرَ روهَ" جهڙا دوَندوَ قسم جا هم معنى جوڙا به ملن ٿا. اهو به ثابت ٿيو ته هر لفظن جو گڏيل استعمال مرڪب لفظ نه هوندو آهي، جتي ڪليل حرفِ اضافت (جو، منجهه) يا ڪاما سان فهرست موجود هجي (جيئن ڳُرُ واتِ، مَسُ، قلم، ڪاني)، اُتي اها نحوي جوڙجڪ آهي، مرڪب لفظ نه. اهڙيءَ طرح شاهه لطيف جي شاعري لسانياتي اڀياس لاءِ هڪ ڀرپور ماخذ آهي.

**حوالا:**


1. آڏواڻي، ڪلياڻ. شاهه جو رسالو. (2014ع ) ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.
2. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر. سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس. (2005ع) ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
3. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر. سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر. (2010ع) حيدرآباد: سنڌي لئنگوئيج اٿارٽي.
4. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر. سر سامونڊي جو مطالعو. (1984ع) حيدرآباد: شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز.
5. بيگ، قليچ مرزا، شمس العلماءِ. شاهه جو رسالو. (2007ع) حيدرآباد: سنڌي لئنگوئيج اٿارٽي، ڇاپو ٻيو.
6. بيگ، قليچ مراز، شمس العلماءَ. سنڌي وياڪرڻ. (2015ع) حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
7. جروار، خان محمد. سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون (جلد - 2). (2007ع) حيدرآباد: سنڌي لئنگوئيج اٿارٽي.
8. جوکيو، الطاف، ڊاڪٽر. عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي ترجيحي صورتن جو اڀياس. (2017ع) حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.
9. جتوئي، علي نواز، پروفيسر. علم لسان ۽ سنڌي زبان. (2018ع) حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.

10. قاضي، علامه آءِ.آءِ. شاھ جو رسالو. (1993ع) ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.

11. گربخشاڻي، هوتچند، ڊاڪٽر. شاھ جو رسالو. (2009ع) حيدرآباد: سنڌي ساهت گھر.

12. مٺلاڻي، منوهر، ڊاڪٽر. شاھ عبداللطيف ڀٽائي (تحقيقي مضمون). (2001ع) ڄامشورو: ايم ايڇ. پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز.